2792

# ساھتۂ ساھتکار

2712
criticism
75

# ساهت ۽ ساهتڪار

(ادبي ۽ تنقيدي مضمون)

This work has been donated by
Shri. Lakhu Khilani
to INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY

ليکڪ: اي- جي- اُتم

2793

# ساهت ۽ ساهتڪار

(ادبي ۽ تنقيدي مضمون)

ليکڪ: اي. جي. اُتم

قيمت ۵ رپيا

ڪتاب ۵۰]        [ڊسمبر ۱۹۷۴

نئين دنيا پبلشرس
اي-۴ هيراباد مئنشن
سيتلاديوي روڊ، مهيم، بمبئي ۱۶

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١- ساهت ۽ ساهتڪار | ٩ |
| ٢- عزيز جو ساهت | ١٧ |
| ٣- گرونانڪ ديو | ٣٣ |
| ٤- سنڌو سنسڪرتيءَ جو ورثو | |
| ٥- ساميءَ تي هڪ نئين نگاهه | ٤٩ |
| ٦- ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ بغاوت | ٦٥ |
| ٧- ڀارت ۾ سنڌي ساهت | ٨٥ |
| ٨- ڪاليداس | ١٠٥ |


## درستي

صفحي ٩٦ تي ١٢ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ هيمراج ناگواڻيءَ جو نالو ڳنڍڻ ڪجي؛ صفحي ٩٨ تي ٥ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ هيمراج ناگواڻي جو ڪتاب "مور نچندا رهن" پڙهڻ ڪجي.


Printed by Komal Printers, Near block No. 21, Kopri Colony, Thana (East).

Published by Ram Jethanand on behalf of Naeen Duniya Publishers, A-4, Hirabad Mansion, Sitladevi Rd., Mahim, Bombay-16.

Indian Institute of Sindhology
LIBRARY
St. No. 2792
Adipur-Gandhidham

# آرپڻ

مرزا قليچ بيگ
ديوان ڪوڙومل چندنمل
رشي ڏيارام گدومل
شري پرمانند ميوارام

ڪي

جگديش بوڪ ڊيپو
الهاسنگر-٢

# ٻه لفظ

هي منهنجي مضمونن جو سٽون ڪتاب آهي جيڪو پاڙهڪن اڳيان پيش ڪريان ٿو. اُنهن سنڌي ساهت ۽ ڪن ساهتڪارن تي لکيل اَدبي ۽ تنقيدي مضمون ڏنل آهن جي وقت به وقت پڙهي لکيا اَٿم. مون سدائين اها ڪوشش ڪئي آهي ته پنهنجي مضمونن ۾ ڪا نئين روشني ڪا نرالي نگاهه ڏيان. هن مجموعي ۾ به اُهي مضمون ڏنا اٿم. ليڪن اُهي ڪيتري قدر نوان ۽ نرالا آهن ۽ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب آهن يا نه سي رڳو پاڙهڪ ئي ٻڌائي سگهندا. مان اُنهنجي رائن جي آجيان ڪندس.

اُتم

# ساهت ۽ ساهتڪار

ساهت انساني ويچارن ۽ ڀاونائن، امنگن ۽ آرزن جي دلڪش ۽ دلچسپ نموني ڪيل اظهار جو نالو آهي. اهو انساني سماج جو آئينو آهي ۽ هن دنيا جي عدالت ۾ ان جو هڪ قسم جو شاهد آهي ۽ زندگيءَ جو ترجمان آهي. انڪري ساهت جو سماج ۽ زندگيءَ سان اٽوٽ نالو آهي. ٻنهي جو هڪٻئي تي اونهو اثر ٿئي ٿو. ساهت مـــان پنهنجي وقت جي سماج ۽ ان زماني جي زندگيءَ جي جهلڪ ملي ٿي. انڪري ساهت جو اڀياس سماج ۽ زندگيءَ سان ڳنڍيل ٿئي ٿو.

جئن جئن سماج ۽ زمانو بدلجي ٿو تئن تئن الهو پرياءِ

باغير يا بيخبر ستديءَ طرح يا اڻسڌيءَ طرح ڪنهن نه ڪنهن جو طرف وٺي ٿو جنهنجو عڪس سندس رچنا ۾ ملي ٿو. هو نه چاهيندي به طرفدار بڻجي ٿو. انڪري ڪنهن به ساهتڪار جي بيطرفدار رهڻ ۽ بي مقصد "ڪلا، ڪلا لاءِ" ساهت رچڻ جي دعوي بيمعنيٰ آهي.

ڪي ساهتڪار وري چوندا آهن ته سچو ۽ اوچ ساهت اهو ئي آهي جيڪو مڪان، زمان ۽ سماج جي بندشن کان مڪت آهي ۽ عالمگير ۽ آبدي وشيه تي لکيل آهي. هنجي وچار ۾ سماج ۽ زندگيءَ جي آرٿڪ، سماجڪ ۽ راڄنيتڪ مسئلن، وشين يا پهلن تي لکيل رچنا ساهت نه آهي.

اسانکي سڌ آهي ته هن دنيا ۾ ڪا به چيز اٽل ۽ ابدي ڪانهي. تبديلي ئي زندگيءَ جو اٽل نيم آهي. هرڪا شيءِ، انسان جي سڀاءَ سميت. زماني سار و ڦرندي رهي آهي. ڪير دعوي سان چوندو ته پراچين سمي واري انسان ۽ اڄ واري انسان جي سڀاءَ ۽ وچار ۾ فرق ناهي؟ اڄ جو انسان پراچين انسان کان هر ڳالهه ڪائڻ يمڻ، اٿڻ ويهڻ، وچارن وهنوارن وغيره ۾ ڦريل نظر اچي ٿو. پراچين انسان قدرت جي بيجان طاقتن کي چنڊ، سج، باه، برسات، وغيره کي ساهوارو سمجهي پنهنجي رچنا ۾ انجو چٽر چٽيو آهي، جنن ويدڪ زماني جي ساهت پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو، جيڪو چٽر اڄ جو ساهتڪار لکي ٿو چٽي. ان وقت

بيڪار بڻجي ٿي پوي.

زندگيءَ جي حقيقي تصوير ڪڍڻ جو مطلب اصل اهو اصل ڪونهي ته ساهتڪار رڳو حقيقتن جو نقل پيش ڪري يعني هو انهنکي جيئن جو تيئن ڪري اسان اڳيان رکي. ساهتڪار جو فرض آهي ته انهن حقيقتن جو اونهو اڀياس ڪري، انهنجي جدا جدا تصويرن ۽ تضادن سان جنسي جنگ جوٽي انهن مان صحيح ۽ سچو روپ پيش ڪري. ائين ڪندي ئي ساهتڪار فوٽوگرافر کان وڌيڪ ڪلاڪار ليکيو وڃي ٿو، جيڪو حقيقت جو چٽو چٽڻ سان گڏ ان کي بدلائڻ ۾ ڀاڳي ڀائيوار ٿئي ٿو ۽ جيون جي آلوچنا سان گڏ انکي بهتر بڻائڻ جو سنيهو ڏئي ٿو.

جنهن ساهت جي پاڙ حقيقي جيون ۾ کتل آهي، اهو عام جنتا کان جدا ٿي نٿو سگهي. جنتا جي جيوت ساهتڪار کي سندس رچنا لاءِ قيمتي ڪچو مال ميسر ڪري ٿي، جنهنکي پنهنجي رچنا-شڪتي ۽ ڪلا جي قوت سان هو نئين ناهي ساهت پيدا ڪري ٿو. جنتا جي جيون گويا هڪ سدائين لاءِ وهندڙ ساگر آهي، جنهن ۾ ساهتڪار ٽٻيون هڻي ملهائتا موتي ڪڍي مالها ناهي ٿو.

سوال ٿو اٿي ته کهڙو به سٺو مواد يا مال ڪهڙي به ڪهڙي صورت يا روپ ۾ پيش ڪرڻ سان ساهتڪار ڪاميابي حاصل ڪري سگهندو؟ اصل نه. ائين ڪرڻ سان ساهت اڻکهڙيو ننهو پرچار بڻجي پوندو. ساهتڪار برابر

روپ جا مستان آهن، سي السانيت جا واري آهن."

هو هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:-

"اديب جو فرض هجڻ کپي ته هو پنهنجي ملڪ ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦوڪي، بيداريءَ ۽ جوش جا گيت ڳائي، هر انسان کي اميد ۽ خوشيءَ جا پيغام پڌائي ۽ ڪنهنکي به نااميد ۽ ناڪار نه ٿيڻ ڏئي. ملڪ ۽ قوم جي خير خواهيءَ کي ذاتي غرض تي ترجيح ڏيڻ جو جذبو هر نئين وڏي ۾ پيدا ڪرڻ اديب جو عين فرض هجڻ کپي."

انکري ڪنهن به لکيت جو جنتا کان بهتر بيو ڪو منصف ڪونهي. پر ان لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي. هڪ ته عوام شعور وارو هجي ۽ ٻيو هو آرٿڪ طور آزاد هجي. اهي ٻئي ڳالهيون اسانکي سماجوادي سماج ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون جتي ڪو به شخص اٻپڙهيل ڪونهي، بيروزگار ڪونهي. اتي ليکڪن جو طبقو نه ڄڻ شاهوڪار طبقو آهي. هننکي پنهنجين لکيتن مان اجورو ملندو آهي، جنهنمان هو پنهنجي سڄي زندگي سکي گذاري سگهن ٿا. هننکي پنهنجي لکيتن لاءِ پبلشر ڳوليا نه پوندا آهن. هننجي لکيتن جو خوب قدر ڪيو ويندو آهي. پر سرمائيداري سماج ۾ ليکڪن کي پنهنجي اُدرپورنا لاءِ

نوڪريءَ لاءِ ڀٽڪڻو پوندو آهي، پبلشرن جو اڌئين تيٽرو پوندو آهي. انڪري ئي ته ان سماج ۾ ليکڪن کي جيڪا آزادي مليل آهي سا اڪثر ڪري رسمي آهي، جا سماجوادي سماج ۾ ئي حقيقي بڻجي سگهندي آهي.

# عزيز جو ساهت

ڪنهن بہ ليکڪ جي ساهت جي اوک ٻوک ڪرڻ لاءِ هن جي ۽ هن جي زماني جي حالتن کي خيال ۾ رکڻ تمام ضروري آهي. ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي "عزيز" هن دنيا ۾ اُن وقت اَک پٽي جڏهن ١٩ صدي پورن پساهه کڻي رهي هئي. انگريزن کي سنڌ فتح ڪئي اَڌ صدي مس ٿــي هئي. جڏهن هو اڃا راجنيتي طــرح پنهنجون پاڙون پختيون ڪري سگهيا هئا. هندي آندل سڀيتا ۽ سنسڪرتي جو اثر اسانجي سماجڪ جيون تي آهستي آهستي ٿي رهيو هو. ساڳئي وقت اڳئين ميراڻي سماج، اُنجي ٻوليءَ، رسم رواج ۽ ادب آداب جو اثر بہ

صفا آلوپ نہ ٿيو هو.

عزيز جو جنم ۱۸۹۷ع ۾ حيدرآباد شهر جي هڪ زميندار گهر ۾ ٿيو. اُن وقت زميندارن ۽ اوچ طبقي جي گهرن جو پالن پوشڻ ۽ تعليم تربيت وچولي درجي ۽ هيٺين طبقي وارن کان نرالي هئي. عزيز اڃا ۲۰ کن سالن جو ڳڀرو جوان هو تہ ڪيس خانداني زميندارِيءَ جون واڳون سنڀالڻيون پيئون. انڪان اڳي هنکي اسڪولي جيون ۾ پارسي، عربيءَ جي عالمن، شاعرن ۽ اُستادن جي صحبت حاصل ٿي. انهن ڳالهين جو اثر اسانکي عزيز جي شاعريءَ تي ڪافي نظر اچي ٿو.

عزيز تي هڪ اثر ٿيو تربيت ۽ صحبت جو تہ ٻيو وڏي ۾ وڏو اثر ٿيو محبت جو، جنهن (سندس ئي لفظن ۾) هنجي ”دل جي دريا ۾ تلاطم مچائي“ ڇڏيو. ڪنهن نازنين جي نينهن ڪيس اهڙو تہ جڪڙيو جو هو سڄي عمر ڪنوارو ئي رهيو ۽ پنهنجون لاڱون لڏائين سنڌي ساهت سان. صحبت ۽ محبت، عزيز کي رومانيت واري شاعريءَ ڏانهن وٺي ويئون. رومانيت جي ڌارا ۾ جذبات، سچاوت، اِنفراديت ۽ رنگين تصور جي حڪمراني هوندي آهي.

عزيز جي شعر جو اڌ حصو مس عشق ۽ پارسي آميز سنڌيءَ سان پُر آهي. اڪري ماڻهن تي اهو اثر وڌل آهي تہ هنجي شاعري رڳو عشق ۽ دقيق ٻوليءَ سان

نمنار آهي. حقيقت ۾ هن عشق سان گڏ پين پانت پانت جي وشين تي ۽ دقيق پولي ۽ سان گڏ سليس سپک سندي ۾ ٻه شاعري ڪئي آهي جيڪا پاڻ اڏ ڪان ڪجھ سرسبري ئي ٿيندي. ۽ اهڙي شاعري تو ري ئي سهين، عزيز نه شروعات ڪالوني ڪئي آهي. خود هنجي ذڪئي ۾ ذڪئي ڪلام جي مجموعي "ڪليات-عزيز" ۾ پڻ اها موجود آهي. مثلا ماتا، لڙڪ، مزدور، دلدار خاطر، ديس جو ويچار جهڙا شعر ۽ شاهه جي سورمين تي اڪيل غزل ۽ ڪجھ رباعيون. هتي جنس طور ڪي بند ڏجنتا :-

۱- جيجل جي هنج هندورو آسيس آهي، لولي لوڏي سمهاري سک سان چاتي ۽ جوهار، ماتا!

۲- اي تار من تتي جا! اي غمزدن جي راحت الدر جي آرسي ۽ جي صورت جي آهين مورت.

۳- ديس جي آهي اعلي پگتي-اهڙي جيئري ناهي جڳتي حاصل ٿئي مرٽي ئي مڳتي-هر پارين ٿئي جس جڪار

۴- محبت ۾ مٺي ميهر جي تارن جڏن ترڻ گهرجي چڙي پيلي جي ير واهڙ ۾ واهر ري ۽ ترڻ گهرجي.

۵- جڏن پٽسن جي ڪمائي لاء ڪڙهي ڏيهن سارو پاڻ جهڙن جي اکيان قرلدو تو ولي ويچارو.

جڏن جڏن عزيز جو مشاهدو وسيع ٿيندو ويو ۽ هو ملڪ جي حالتن جو اثر جهٽيندو ويو، تڏن تڏن سندس

بيٺيون هوندي، ان کان پوءِ سندس ڪلام ۾ ويچار پيدا ٿيا ۽ ان جي حمايت جي باري ۾ انقلاب آڻيندڙ نظم لکيائين، جي سنڌ جي سار جا داستان آهن ۽ بهار جا افسانا آهن.

ڏسو ته قدرت جي نقشن سان نمناڪ رنگين بهار سان ڪهڙي نه خوبصورت چترڪاري ٿو ڪري:-

مست هاٿين جو ڪٽڪ آهه هوا تي ڪو اڀيو
جوش سان آئي چڙهائي ڪري هاڻي برسات،
چانڊڪي ملڪ تي اونداهه ميگهه ڪان وڌو
آهه ڪا چادر ننڍين آب ٽانگي برسات.

(شاعراڻي شمع)

چانڊوڪي چوطرف تي ڪيئن ڇهڙيو مهائي
ديپڪ روشني ۾ نوڪيءَ فلڪ لٽائي
شفاف ٽيري چادر ۾ تنهنجو منهن لڪائي
ان وقت حسن تنهنجو بيحد ڪشش ٿو لائي
ڳچلي چڪور والڳ دل تي چڙي پئي ٿي.

(گلزار عزيز)

آيو ڪتيءَ بهار چمن ۾ هزار گل
ٽارين تي ۽ ٻوٽن تي ٽڙيا بيشمار گل
ڏرلي چمن جي آهه ابرو تي چرخ سان
تارن جي مثل باغ ۾ ٽيا ٽانڊار گل.

(آبشار)

عزيز جي قومي شعر جي خوبي اها آهي جو انهه جوش ۽ جذبو نمايان آهي ۽ اهو صاف ۽ چٽو آهي. انهه نه رڳو ڌاريءَ حڪومت لاءِ نفرت ۽ ملڪي محبت ڀريل آهي، پر ان سان گڏ ايڪتا لاءِ آلاپ، دشمن سان لڙڻ لاءِ للڪار ۽ آزاد ڀارت جي آئيندي جي تصوير پڻ ملي ٿي. اهڙو گهڻو ڪلام "پيغام عزيز" ۾ ڏنل آهي. چوي ٿو:-

دشوار نه ٿيو ديس لئه سر پنهنجو وڃائڻ
هڪ سر ڇا، هجن سؤ، ته ڪپن خوش ٿي ڪپائڻ
مان خون سان رنگين ڪندس ديس جي ڌرتي،
ٿيو فرض وطن سان مري نينهن نباهڻ.

فرقيوار فسادن لاءِ شاعر جي دل جهڙي پيٽي آهي ۽ درد وچان ڏڙڪندي چوي ٿو:

آثار قيامت جا پسون سخت نظارا
ماڻهو ٿيا مرُون ملڪ ٿي پيو جهنگ چو آهي؟
قرمار رتوڇاڻ جي گرم آهي ٿي بازار
ڪسجن پيا ڪوُلڏر، ٿا جلن گهر ۽ وڻن ٻار.
ڏاڍي ٿي ٻري، فرقه پرستيءَ جي جهالت
جنهن هند الڏر آندي قيامت ٿي قيامت.
ڏوريءَ ڏنا درد، جي هاڻي ٿا سنڀاليو
راحت ٿي ٻوي، هڪ ٿي، جي دشمن کي هڪاليو.

ڏسو فرقه پرستن اي ڪهڙي نه ڌارد سبب چوٽ اُسر هڻي ٿي:-

ملڪ آزاد اڃا ناهه تہ پاڳا ٿا ٿين،
قومڪش ڪيئن نہ لٽي پاڻ ڏاڳا ٿا ٿين.

عزيز، آزاد ديس جي خوشحالي آئيندي جو خواب لهندي چوي ٿو:-

خوش ٿيو ديسي لٽين سرسبز سامان ٿيندو
هي خزان ويندي وري فصل - بهاران ٿيندو.
ڪالهه جي عيش ۽ آرام کي ڏاڍو ٿي سڪيا
اڄ انهن لاءِ وڏو عيش جو سامان ٿيندو.
بيڪسي ويندي مزورن جي گهرن مان نڪري،
گنج دولت جو ڏٺي ديس جو دهقان ٿيندو.

عزيز نہ رڳو خوشحال آئيندي جو خواب ٿي لڌو پر ديس کي خوشحال بڻائيندڙن هارين ۽ مزدورن جي حق ۾ بہ شعرگوئي ڪئي، جنهن مان سندس وطن دوستيءَ سان گڏ انسان دوستيءَ جي پڻ سڌ پوي ٿي. هن هاريءَ کي مخاطب ٿي ”هند جا هاري“ نالي هڪ وڏو شاندار شعر چيو آهي، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ لکيو ٿو:-

ڪر فڪر، اِجهو آهہ هي بدلڻ ٿي زمانو
خوشنود سکهو ٿيندي سنڌ جان ڏکاري
خونخوار ۽ بيرحم ڪري خاڪ ٿي پوندا،
اُپرن ۽ غريبن کي عطا ٿيندي سواري.
مزدور ۽ هاري ٿي محلن مان سراسر
مشهور ڪندا ملڪ ۾ اَحڪام هزاري.

ساڳيءَ طرح "مزدور سان رهاڻ" ۾ شاعر هينئن چوي ٿو:

راڄا رتول ڪنهنجي ڪرامت جو آهه ڪم؟
ليڙن لٽن ۾ ڪنهنجو دکايل رهي آ-و دم؟
نوڪر جهليندي ڪير ڪٽي سر تي بار غم؟
دايه پڙ پيندي مال سان، ڪير آهي چشم نم؟
مزدور صرف تون ئي جگر جو تو خون پيين
پيٽ وسڪيءَ جو ٿي تو غرض جي ڪندي ۽ ٿي ليين.

عجب آهي ته هيڙن سهڻن پدن سان گڏ شاعر مزدور کي سڌارڪ وانگر وعظ به ڪري ٿو. چوي ٿو:

"تي نڪتچين پنهنجو سڌارو تون پاڻ ڪر
نقص آهه تو ۾ بي تي نه تهمت جو بار رکه."
"هر وقت وير خون خرابيءَ کان رهه پري."
"پيڙي بدو جي حد حسابيءَ کان رهه پري."

هن مضمون جي لکندڙ، جڏهن ان نموني جي سڌارواديءَ شعرن تي، پنهنجي اڳئين مضمون "پيوس ۽ عزيز جي شاعريءَ جو جائزو" ۾ نڪتچيني ڪئي هئي، تڏهن عزيز اُن کي جواب ڏيندي لکيو هو ته "اوهانجي سمجه ۾ اهي بيت انهيءَ ڪري ڪريل آهن جو اوهان ساميواديءَ جي مذاق موجب نه آهن." (ڏسو نومبر ۱۹۵۸ ۽ مارچ ۱۹۵۹ جي نئين دنيا) ليڪن عزيز جي پوره جي ممڪن مجموعي "صراحي" ۾ نه اهڙا به شعر آهن (جن مان هڪ "مزدور" تي به لکيل آهي) جيڪي

"ساميوادي مذاق" موجب ٿي لکيل نظر اچن ٿا ۽ انهن ۾ عزيز پهريون دفعو "سرمايدار"، "مساواتي" (ساميوادي) "اميرن غريبن جا فرق" "قدامت" (رجعت پسندي) "تغير" (تبديل)، "انقلابي نعرو"، "نئين تهذيب" "نئو حيات"، "غني" (شاهوڪار) "پورهيت" لفظ ساميوادي معنيٰ ۾ ڪم آندا آهن.

"مزدور" نالي غزل ۾ شاعر هاڻي اڳئين شعر وانگر سڌاروادي ڳالهيون نٿو ڪري، پر ڪيس مخاطب ٿي چوي ٿو ته سرمايدار جي ستم جي بنياد جو پيڙهه جو پٽڙ نه ٽٽج وغيره. چوي ٿو:

سرمايدار جو تيو هنگام خيز ظلم
تي پيڙهه، قائم انجو نه بنياد ڪر ڪڏهن
پورهئي جي شان جو هيءُ علم ڦڙڪي واءُ ۾
رسمن جي قيد کان ته دل آزاد ڪر ڪڏهن.

هئي غزل ۾ شاعر اميرن غريبن جا فرق مٽائڻ جي مساواتي اعلان سان گڏ چوي ٿو ته ڪنهن لاءِ به خاص حق قائم نه رهندا:

"نه رهندا رهگذر تي خاص حق ڪنهن لاءِ دنيا ۾
جو هر عشرتڪده کي، گهر مان هر ڪنهنجو بڻائيندس
اميرن ۽ غريبن جا مٽائي فرق سڀ هيڪر
جهان اندر سڀو هرڪو مساواتي هلائيندس."

عزيز جو ساميوادي رنگ ۾ لکيل بهترين نظم آهي

"ٿي نئين تهذيب جي پروردگار" جنهن ۾ پنهنجي دل کي چوي ٿو، "پڻ ڪمر، هي زندگي آهي نه خــواب.. پاڳ ٿي پاڙي ڇڏ و ڏيهين ٿي حقير- رت ولوڙين تــون، مڙا ماڻي امير... هر ڪجا تبديل ٿي منظور آهه... انقلابي مار نعرو زوردار" ۽ اٿي نئين زندگي ۽ تهذيب جــي طرفدار ٿي. ان نظم جو آخرين بند اٿس:

انقلاب آهي قدامت لاءِ ڪات
جسم ڍهڻ جو ڪري هيڪر جو مات
تو ڏنــي اڪسير ڪٺجي نئون حيات
دل! قبولج انجي هر معقول بات
ٿــي نئين تهذيب جي پروردگار.

عزيز جا مٽيان ۽ بيا ترقي پسند ويچار "صراحيءَ" جي نه رڳو غزلن ۽ نظمن ۾ پيل آهن، پر ڪافي رباعين ۾ نه آهن، جيڪي سندي شعر ۾ نئون اضافو آهن. البت ٢١٤ رباعين مان ڪي، ڪن غزلن ۽ نظمن وانگر مدي خارج ويچارن واريون نه آهن. هڪ رباعيءَ ۾ ساميءَ جي ڪوتا جــي هڪ ست "غريبي گلزار ٿي، موچاري مينگهو ڇــوي" کي کڻي ڇا نه دردناڪ دانهن ڪئي اٿس:

"مينگها! تو چيو ڪئن "ٿي غريبي گلزار."
هر ڏار لڳي نيل وجهي انجي، يار!
گل، داغ جگر جا ٿي، جلائن هر هر،
خواريءَ جو سبب خلش ڪري بيا ٿي خار.

ٻي هڪ رباعيءَ ۾ ابتدائي ٽن ۾ ڪميڻن ۽ شاهوڪارن کي پورهيتن جي خون چوسڻ جو بدلو ڏيڻو پوندو:

پي جام گلابي ٿي غمي ايشڪ ڏات،
پورهيت جو اهو خون ٿبي، ناهي ٻات،
تلوار هلي وقت جي وندو بدلو،
انصاف جو نعرو ٿيو، انجو چمڪات.

عزيز پنهنجي آخرين مجموعي ”سوز و ساز“ (١٩٧٠!) ۾ به ظلم جي اوگھڙ ڪئي آهي ۽ انصاف جي تقاضا ڪئي آهي. هڪ شعر ”ڪنٽرول“ ۾ لکيئي ٿو:

”ٿئين سنتر جا ڏهاڙي شڪار آهيون اسين
ڏکن ۾ پيا پلي خود اقتدار آهيون اسين.“
”ٿي ڪنٽرول ٿي ڪا شيءِ ملي ڪ موت آهي
ٻهي ٻهي ٽڪا اندر قطار آهيون اسين
پيڻ لاءِ پاڻي، هوا آ ٻڌي ڪيڻ خاطر
جيئون ٿا ڪيئن جيئون، جاندار آهيون اسين.“
”ٿو ال جان ٿي پيئي اساڻجي پياري حيات
ڪري جي ڪجهه، وڃون ٿي ميار آهيون اسين.“

ورهاڱي بعد سنڌ ڙيءَ جي ياد ۾ حسن هڪبڻي پنيان ڪيترائي شعر لکيا، جن مان گهڻا سندس مجموعي ”آبشار“ (١٩٥٣) ۾ ڏنل آهن. انوقت هتي هندجائي اهڙا گهڻي ۾ گهڻا سنا شعر لکيل هئا. سنڌ جي ياد ۾ لکيل هيٺين غزل ۾ ڏسو ته گل بلبل، شمع پروانو ۽ ليلا مجنونءَ جي

جھولين ڪشپهن ڪي ڪيئن نہ خوبصورتيءَ ۽ معنويءَ آفرينيءَ سان ڪم آندو اٿس:

وطن جي باغ جا وسري نہ بلبل کي ترانا ويا
پيا ٿي دور گل جي ۽ ڦٽي جي آشيانا ويا

خلل اهڙو پيو بلبل، چمن جي همصفيرن ۾
پيا آکيرا ڇڏڻا جو سي ٿيندا قيدخانا ويا

ڦٽي محفل، اُجهاڻي شمع، ويا پروانا پر ڪوهي
تصور مان نہ سوز ۽ ساز جا سي داستانا ويا

”عزيز“ آهي اهو ٿي سنڌ جي ليلا سندو مجنون
نہ پورا دور دنيا کان ٿي قصا عاشقانا ويا.

ٻئي غزل ۾ چوي ٿو:

ديس پنهنجو ڇڏي پرديس وسائي دنيا
روح جي جن سان رچي، ماڳ مٽائي وينا

هن دورنگيءَ جي عجب دور جدايون آنديون
پنهنجا پنهنجن کان اُڏا دور اُڏائي وينا

سي رهاڻيون ڪٿي، ديدار ڪٿي پيار ڪٿي!
ڪن، اڪيون، دل ٿيئي دلدار سڪائي وينا

جنجي لاءِ پنهنجا پراوا مون ڪيا ترڪ عزيز
سيئي سورن جا ڏيئي ساٿ سجهائي وينا.

”سنڌ جي سڪ“ واري نظم ۾ وطن لاءِ خوب هنجون هاريون اٿس، ۽ اُن مان هيٺين مصرع تہ شاهڪار درجو حاصل ڪري چڪي آهي:-

"کھڙو پڇيو تہ سنڌ جي املاڪ جو ڪليم
املاڪ منهنجي سنڌ ٿي، حق سنڌ لي ڇڏيم."

عزيز جي ڪن شعرن ۾ سنڌ جي سار لاءِ ايترو تہ اُجهل جذبو ۽ سڪ سمايل آهي جو پڙهندي پڙهندي دل ڏريو پوي. "سنڌڙي جي ياد" ۾ چوي ٿو:-

الاهي ساري وطن آب اکين هاريون ٿا
نہ پيچ نہ ڏينهن کان ڪيئن ڌار وقت گهاريون ٿا
اُٿن ٿا آڌيءَ اُڌما اُٿي پڪاريون ٿا
وطن ڏي آس مان اکڙيون کڻي نهاريون ٿا
ڪڏهن اسانکي وري ٿيندي سنڌ اباڻي نصيب
ڪندو اسانجي اِليئي جا سپ پڄاڻي نصيب؟
وطن ڇڏيوسين تہ پنهنجي ڀايون من عزت
ڪيوسين ترڪ الهيءَ ڪاڻ مال ۽ دولت
وڃائي عزت و دولت پرائي سُون ذلت
پڳاسون جنهن ڪان سري سر ٿي آئي سا آفت
اکين ۾ آب، اندر آهہ، چپ نہ چوريون ٿا
حيات جو هي اڱڻ سُور ڪاٽي سوريون ٿا.
اسانکي صدقي جي ڀڪري ڪري جي سيڪي ٿيا
اهي نہ چنبا جي ظالم تہ چنبا کھڙا پيا
جنهين ڪان ديد حيا پھرين موڪلائي ويا
انهن جي آهيون چو سنڌي اڄي پهاري پيا
ڪيئُون نہ ڪوڙ چون ٿا، ڪيئُون نہ چوري آهہ
اهو ٿيو داد، پلا ڪھڙي ٿيندي زوري آهہ.

اميد آهي ڏکيا ڏينهن ٿيندا جلد گذر
"عزيز" ديس وري هلبو مفت فڪر نه ڪر
سگهو ٿي ايندو اهو انقلاب ملڪ اندر
ڪندو دلين ۾ تعصب بجاءِ قرب جو گهر
سياهه ايڪ تواريخ جا ورق رهندا
گواهي ڏيندا سنڌي کهڙا ويل ويا سهندا.

(نئين دنيا-١٩٥٥)

عزيز جو عشقي شعر جڏهن اجائي سجاوت ۽ جوش کي ترڪ ڪري سادگي ۽ سنجيدگي اختيار ٿو ڪري تڏهن دلسوز ۽ دلڪش بڻيو پوي. عاشق جي بيقراري جو بيو گهڻن ئي نمونن ۾ ورنن ڪيو اٿس. پر هيٺين نمولي جو بيان لاثاني آهي. چوي ٿو:

اکڙيون ڦرن ٿيون ڪنهن جي هي ڳولهڻ لئه رات ڏينهن
گردش ڪٿان اچ آئي، هي پاي نگاهه ۾
هن جي سوا اچي نه ٿو ڪجهه پي نظر عزيز
پنهنجو ڪو نور آهه ڇڏي ويو نگاهه ۾.

عشق جي آهه، اندر جو اندر ۾ کهڙا ٻارڻ ٻاري ٿي، تنهنکي لڪائي ڪيترو لڪائبو، سو شاعر کهڙي ۽ نزاڪت سان هڪ پردي ۾ بيان ٿو ڪري:

لوڪن کان لڪايم ٿي اڳي، هاڻ ڪريان ڇا
هڪ هڪ ٿي ڪليو درد، هٿي داغ بدن ۾.

معصوم محبت جو اظهار جيڪو عزيز هيٺين شعر ۾

ڪيو آهي سو هن مشڪل کي ڪٽي ڪنهن ۾ ڪيو آهي:

دل پرچي چوي اک کي: بدنام نہ ڪر روئي
اک پرچي چوي دل کي، پڌري نہ کپائي ڪر

هي شعر ايترو تہ گھائيندڙ آهي جو شڪ ناهي تہ، ڪنهن نازڪ طبيعت واري پاڻ کي دل هٿان شعر پڙهڻ سان پرچي بہ اچي. هي مثال "ڪليات عزيز" مان ڏنل آهن.

فراق سان قتيل دل جو اظهار گھائيندڙ ۽ سنجيدي لهجي ۾ رواني ۽ ميناج سان پر لفظن ۾ هيئن تہ ڪري:

موت ۽ حيات آهہ فقط هجر ۽ وصال
دل ڪشمڪش ۾ عشق جي، جي جي، مري مري.
وعدو پري جي ٽههجو تہ دوري بہ دور ناهہ
هت عمر جو حساب هلي ٿو هري هري.
ڪنهن جي ٿي انتظار ڪان دل بي قرار آهہ
سڏڪا ڀري پريان تو چو آهون پري پري؟
تارا تڪيندي، ورهہ جون راتيون لنگهيون "عزيز"
گھاريا سين ڏينهن هجر جا ڏکڙا ڏري ڏري.

افسوس اهو آهي جو هھڙا سهڻا شعر عزيز جي عشقي شعرن ۾ ٿورا ملندا، شايد ٿورن حصو مس هجن. اهو انڪري آهي جو عزيز جي عشق جي باري ۾ جيڪو تصور آهي، سو ذري گھٽ روايتي آهي- جهڙو پارسي، ايراني ۽ اردو شاعرن وارو، جيڪي خيالي مذڪر

معشوق جي حسن ۽ بيوفائي، فراق ۽ وصل متعلق ئي شعرگوئي ڪندا هئا. ان تصور موجب معشوق جي ملڻ سان تقدير بدلجي ويندي آهي ۽ ان پٺيان دل، ايمان سڀ ڪجهه گهوري ڇڏيو ڪبو آهي. عشق جي غم ڪي دل سان وٺي، عمر ڳاري ڇڏبي آهي يا معشوق جي زلفن ۾ وهڻ سان آرام ملندو آهي وغيره. ليڪن اڄ عشق جي باري ۾ اهو جهونو تصور بدلجي ويو آهي.

اڄ خيالي مذڪر معشوق جي جڳهه، هڏ ماس جي پتليءَ ورتي آهي، جنهن سان محبت وندڻ ۾ ٻه مکيه رڪاوٽون آهن- سماجڪ ۽ آرٿڪ بندن. اهي ئي محبت روپي محلات جا دربان آهن، جنکي هٽائڻ سان ئي ان کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. اها ڪا پري پيڪر يا سونهن جي ديوي ناهي. پر اها مرد جي همسفر عورت آهي.

اڄ اسانکي صرف عشق جو غم نٿو ستائي پر جهان جا ٻيا غم ايترا ته آهن، جو عشق جو غم انهن اڳيان ڄڻ هيچ پيو لڳي. خالي پيٽ سان ڪو ڪهڙو عشق ڪري سگهي ٿو، سو هرڪو سمجهي سگهي ٿو. عشق اڄ عيش جي چيز ناهي، بلڪ هڪ ضرورت آهي- اهڙي جهڙي روٽيءَ جي، علم جي يا اجهي وغيره جي ضرورت آهي. عشق جي ضرورت ٻين ضرورتن سان گڏيل پيئي آهي. اهڙي تصور سان لکيل عشقي شعر

ني جنتا جي جذبن جي صحيح ترجماني ڪري سگهندا ۽ اهڙي ترجماني اسانجي نوجوان ترقي پسند اديبن ضرور ڪئي آهي.

عشق بابت روايتي تصور سان گڏ، عزيز جو نظريو ويدانتي، رهسيوادي ۽ آدرشوادي آهي. اهڙن وچارن وارا شعر سندس شروعاتي "ڪليات عزيز" کان وٺي پڇاڙيءَ جي "سوز و ساز" تائين وارن مجموعن ۾ پکڙيا پيا آهن. هتي رڳو جنس طور هڪ مثال ڏجي ٿو. "عاشق جي خود داري" واري شعر ۾ شاعر معشوق جي "دل آزاري کان" "توبهه" ڪري ٿو چوي:

عشق ۾ ڪل جي وڃي ٿيندس توکان بي غم
ڇڏي فانيءَ کي وڃي ٿيندس باقيءَ سان بهم
ڪل جو عاشق ٿي ۽ ڪل ۾ فنا ٿي ويندس
مثل قطري جي انهيءَ بحر اندر گم ٿيندس.

ليڪن عزيز "ڪل" ۽ "باقي" جي ايشوري عشق کي وٺي لڪير جو فقير ٿي نه ويٺو. فاني زندگيءَ جي حقيقت کانئس اها شاعري نه ڪرائي آهي، جيڪا هن دنيا جا گيت ڳائيندڙ آهي ۽ انسان جي عظمت جا آلاپ ٻڌائيندڙ آهي ۽ هر بي انصافيءَ ۽ "شورش" جو مقابلو ڪندڙ آهي. هيٺ ڪي اهڙا ٿورا شعر ڏجن ٿا:-

١- مونکي **زندگي** کپي سا هجي جيڪا ۾ **حقيقت**
مونکي ڪانه گهرجي هستي جا فقط **خيال** آهي

٢- فلڪ جي ناهه پنهنجو، ناهه قسمت ساز، پروا ناهه
چڙهي خود چرخ تي شورش ستارن جي مٽائيندس
ڏسو ته "ڪل" جي "صاحب اَزل" (يعني خدا)
جي بتايل "قضا" بابت ڇا ٿو فرمائي:

صاحب! تو اَزل کان ئي بنائي جي قضا
پوءِ ڪير مياري ٿيو، ڪنهنجي ٿي خطا؟
سڀ ڪم تو رٿيا، سڀ ڪان ڪرايا هرجا،
پوءِ ڪهڙو گناهه، ڪهڙو نيڪ، ڪهڙي سزا!

نوري ۾ هنجي شعر ۾، سندس نظريي ۽ زندگيءَ جي حقيقت جي وچ ۾ ٽڪر هٿڻ ڪري، خيالن جو ڪافي تضاد سمايل آهي. ۽ هنجا اهي ئي شعر جاندار ۽ يادگار آهن، جنھ ۾ زندگيءَ جي ترجماني ڪيل آهي.

سرڳواسي ليکراج عزيز نه رڳو هڪ اعليٰ نظم نويس هو پر هڪ اعليٰ نثر نويس به هو. نثر ۾ هو وري حقيقت پسند وڌيڪ ۽ رومانيت پسند گهٽ هو. انڪري هو آڪاس ۾ اڏامڻ بدران ڌرتيءَ تي پير ڄمائي ٿي هليو ۽ شروعاتي نثر کان ئي هنجي ٻولي نظم جي ٻوليءَ جي نسبت ۾، وڌيڪ سليس ۽ سهڪ هئي ۽ سندس عبارت ته اهائي ساڳي نظم واري عالماڻي هئي. البت نثر ۾ هنجي لکڻي ڪٿي ڪٿي مذاقي به آهي.

هن مضمون، ناٽڪ ۽ تنقيد لکي ۽ ڪنهنجو ڌيان خاص ابدالهن ته وار آهي ته هن ڪهاڻيءَ لئي به قلم

آزمائي ڪئي آهي، جيئن ٽيڪ اُهن رچنائن کي هـن مضمونن جي مجموعي "اُدبي آئينو" ۾ درج ڪيو آهي. اُهي ٻه رچنائون آهن- "مقاطعن جو نيلام" ۽ "جيون جت". ٻنهي ۾ هن زندگيءَ جو چٽر چٽيو آهي، جيڪو حقيقي به آهي ته مذاقي به آهي ته نيت سنڌيءَ جي سونهن پسائيندڙ بـه آهي. هـي ٻئي رچنائون ننڍي ڪهاڻيءَ جون تقاضائون پوريءَ پوريون ڪـن ٿيون. منجهن واقع ڪاري آهي ته سيرت نگاري به آهي. ٣٠، ٣٥ سال اڳي لکيل هي ڪهاڻيون اڄ به دل کي وڻندڙ لڳن ٿيون. هنن مان عزيز جي انسان دوستيءَ جي پڻ جهلڪ ملي ٿي. اُدبي آئينو" ۾ ٻيا بـه ڪيترائي ادبي، علمي، قومي، قدرتي، اخلاقي مضمون آهن. هي مجموعو سچ پچ ادبي آئينو آهي.

عزيز جو ٻيو مضمونن جو ڳٽڪو آهي "سامي" جنهن ۾ هن اسانجي سنت ڪويءَ ۽ هندي ڪوتا تي روشني وڌي آهي. اُن ۾ ڪٿي ڪٿي تشريحي تنقيد پـڻ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ڪم آندل ٻولي پارسي ۽ عربي آميز ڏکي ٻولي ڪانهي، پـر ساميءَ ۽ هندي ڪوتا سمجهڻ واري، ويدانتي ويچارن واري ٻولي آهي، جنهنمان معلوم ٿئي ٿو ته عزيز نه فقط پارسي، اُردو ساهت جو ۽ ويدانتي ساهت جو پڻ خوب اڀياس ڪيو هو.

تنقيد ۾ عزيز جي نالي ۾ چيبيل سداس هڪ ڏـي

# گرو نانڪ ديو

هر ڪنهن زماني ۾ اهڙي ضرورت آهر نوان نوان رهبر پيدا ٿيا آهن، جن انسان جي ڏک سک ۾ ساٿ ڏنو آهي، ظلم ۽ ڏاڍ ڪي للڪاريو آهي ۽ انڪان ڇوٽڪاري جو هڪ نرالو سنيهو ڏنو آهي. هر نئون زمانو، جهوني زماني جي رهبرن جو نه فقط اڀياس ڪرائيندو آهي پر انهن جي سکيا ۽ سنيهي ۾ جيڪي نئين تقاضا سان نباهه وارا عناصر آهن، تن کي ڪٺي اهو اڳتي وڌي ٿو. هندستان جي ١٥ کان ١٨ صديءَ وارو دور اهڙن ڪيترن ئي رهبرن جو دور آهي، جنهن کي "سنت ڪوي" جو دور سڏجي ٿو. هنن پنهنجيءَ ڪوتا، گيت ۽ سکيا کي جنتا جي جيوت جو انگ بڻايو.

نومبر ١٤٦٩ع پنجاب ۾ هڪ اهڙو سنت ڪوي، پيدا ٿيو، جنهنجو نالو هو گرو نانڪ ديو. انوقت پنجاب جو روح انيڪ ديون ديوتائن، سرڳن نرڳن، سنتن فقيرن، قبرن شمشان پوڄڻ وغيره ۾ ڦاٿل هو. گرو نانڪ ديو ان روح کي تازگي بخشي. هن هندو مسلم فرقيوار ڪلفت کي "ڀائي" ۽ "مردانگي" جي الفت ۾ تبديل ڪيو. اٺ ڪٿين

ديون ۽ ديوتائن جي بدلي "اڪال پرک" جو نالو ڏئي، عام ماڻهن جي دلين مان سنسن ۽ ڀرمن کي ڪڍي انهن ۾ آتم وشواس پيدا ڪيو. هن ڪيترن ئي جهونين ڪهنين ڌرمي رسمن، جهڙوڪ جٽيو پائڻ، پٿر ڪارائڻ، مُورتي پوڄا ڪرڻ، گنگا نديءَ ۾ مردن جي هاڏين وجهڻ وغيره خلاف آواز بلند ڪيو. تياڳ جي مخالفت ڪيائين ۽ مادي خوشحاليءَ کي بلند درجو ڏنائين. ڌنا ڀڳت جي مکان چوائي ٿو، "هُو ڪي ڀڳت نه ڪيجئي جي مالا آپڻي ليجئي."

گرو نانڪ ديو مکيه طرح پاکنڊ ۽ ڪٽرپڻي، ذات پات ۽ غريب شاهوڪار جي ڀيد ڀاوَ کي مٽائڻ ۽ ونڊي وراهي کائڻ جي سکيا ڏني. ڏسو ته ڌرمي ڏيکاءُ پسنديءَ کي ڪيئن نه ٺٺوَن ٺٺوَن ڪري ٿو، جڏهن هو چوي ٿو، "گودڙي پائڻ، ڀڀوت لڳائڻ، ناد شنک وڄائڻ، مٿو ڪوڙائڻ، مڙهيون مندر ڀيٽڻ سان ڪو جوڳي نه ٻڻجي هوندو، پر جيڪو سڀني کي هڪ نظر سان ڏسي ۽ هڪ جهڙو سمجهي ۽ نرليپ رهي سو ئي سچو جوڳي آهي."

جوڳ نه کنٿي جوڳ، نه ڏنڊئي، جوڳ نه ڀسم چڙهائيي
جوڳ نه مندري موڙ مڙائي، جوڳ نه سنگي وائيي
انجن ماهه نرنجن رهئي، جوڳ جڳتي انه پائيي
جوڳ نه باهر مڙهي مساڻي، جوڳ نه تاڙي لائيي
ايڪ درشٽي ڪر سمسر جاڻي، جوڳي ڪهئي سو ئي.

ساڳيءَ طرح ڪوڙن قاضين ۽ نمازين جي پاکنڊ جي اوگھڙ ڪندي گرو نانڪ ديو چوي ٿو، ته هي، سچي جا سچا ماڻهو ڳرڪائي ويندا، پوءِ ته پيا خدا جي اڳيان نمازون ڪندا. چيائين، مسلمانن کي جيڪي هر روز پنج نمازون ڪرڻيون آهن سي سچ پچ هي آهن: (١) سچ ڳالهائڻ (٢) ايماندار رهڻي (٣) عام جي ڀلائيءَ لاءِ دعا (٤) نيڪ نيت (٥) خدا جي واکاڻ. گرو نانڪ ڪوڙن برهمڻن جي به چڱي چنڊڙي لاٿي ۽ سچي برهمڻ جو فرض هي ٻڌايائين:

"سو برهمڻ، جو برهم ويچاري- اڳر تري، سگلي ڪل تاري"

هن برهمڻ ۽ اوچ ذات وارن کي صاف چيو ته پنهنجي ذات جو گھمنڊ نه ڪريو، اهڙي قسم جي ڀاوَنا مان ڏي انيڪ براين پيدا ٿين ٿيون. جئن چوي ٿو:

جات ڪا گرب نه ڪر مورک گنوارا
اِس گرب سي چلهن بهت وڪارا.

گرو نانڪ اوچ نيچ جي ڀيد ڀاوَ جو ڪٽر وروڌي هو. جنکي نيچ سمجھيو ٿي ويو، تن سان پاڻ هن سنگت رکي. چوي ٿو:

نيچا اَندر نيچ جات، نيچا هُون اَت نيچ
نانڪ تن کي سنگ ساٿ، وڏيا سون کيا ريس.

استري جاتيءَ کي به ان زماني ڪن سنتن گھٽ ذات ٿي سمجھيو. گرو نانڪ اُن مورکتيءَ جي مخالفت ڪئي ۽ استريءَ جي مهما ۾ آسا دي وار ۾ چيائين:

سو ڪئن مندا آکي ٿي، جت جمهن راجان،

انڪري ئي گرو نانڪ پاڻکي هندو مسلم ٻنهي پاڙن کان الڳ رکيو. نه فقط ايترو پر هن انهي ذات ست مخالفت ڪئي. اللاء هن پنهنجي سکيا ۾ اهي ويچار ۽ اها ٻولي ڪم آندي، جنهن هنن ٻنهي ڌرمن جي ڪٽرپڻي کي ختم ڪري هڪٻئي جي ويجهو آندو.

هن غريبيءَ کي دنيا جي دکن جو ڪارڻ سمجهيو، انڪري هو غريبن جو همراه ۽ همراز هو. هڪ هنڌ چيو اٿس، "سڀي ساڃهي وال سدائين ڪوئي نسـ وسي ٻاهرا جيو." يعني نسـ اسين سڀ عام ماڻهو هڪجهڙا آهيون ۽ اسان ۾ ٻيو ڪو به ڏاڍو شخص ناهي. هنجي اها سکيا اڄ به مشعال وانگر روشن آهي. هوُ شاهوڪارن کي ڪليو چوندو هو ته توهانجو ناڻو مفلسن جي رت ۾ رڱيل آهي ۽ گناهه کان سواءِ ڪٺو ٿي نٿو سگهي. جنهن وقت بابر بادشاهه جي لشڪر ايمناباد (سيدپور) شهر لٽي ڪاهيو، ان وقت گرو نانڪ جن اتي هئا. شهر جي دکدائڪ حالت ڏسي راڳ آسا ۾ ڀائي مردانه رٻابيءَ کان هڪ شبد ڳارايائين جنهن ۾ هو سلتون هي ته آهيءَ

"اس زر ڪارڻ گهڻي وگتي
اس زر گهڻي خواري
پاپان باجهه هووڻ ناهين
موئيان ساٿ نه جالي."

يعني نه هن ڌن دولت جي ڪري گهڻي اـاس

ٿي ويا آهن ۽ انهن گهڻن کي خراب خوار ڪيو آهي. اهو ناٿو گناهن کان سواءِ ڪڏ ٿي نٿو سگهي ۽ مُلن سان نٿو هلي.

غريب پورهيت لالو وادي ۽ شاهوڪار ملڪ ڀاڳوءَ جو قصو ته مشهور آهي ته ڪيئن نه گرو نانڪ ديو لالوءَ جي ڀوڙي کي هڪ هٿ ۾ ۽ ڀاڳوءَ جي مالپوڙي کي ٻئي هٿ ۾ جهلي نپوڙيو ته هڪ مان کير ته ٻئي مان وت ڦهي نڪتو. ائين آهي ته هن قصي ۾ مبالغو ڪيل آهي پر بنيادي طرح اها ڳالهه صاف ٿئي ٿي ته گرو نانڪ ديو سمجهيو ٿي ته شاهوڪار ٻين جو خون چوسي مايا ميڙي ٿو ۽ پورهيت انسان حق حلال جي ڪمائي کائي ٿو. مانجهه کي وار مهلا پهلا ۾ حق قبائيندڙن ۽ خون چوسيندڙن لئي اجهو هيئن لو ملامت مڙهي:-

"حق پرايا نانڪا، اُس سؤر اُس گاهه
گرو پير هاما تا ڀري، جا مردار نه کاهه
گلي ٻهشت نه جائيٽي، ڇٽي سچ ڪماهه
مارڻ پاهه حرام مهه، هوءِ حلال نه جاهه."

يعني پرائو حق کائڻ هندوءَ لاءِ ڳئوءَ جي ماس ۽ مسلمان لاءِ سوئر جي گوشت برابر آهي. گرو ۽ پير، ذمو تڏهن کڻندا جڏهن هي جيو حرام جو مال نه کائيندو. ڳالهين ڪرڻ سان بهشت ۾ نه وڃي سگهبو، پر سچ جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي ڇوٽڪارو ملندو. حرام جي

ڪاڏي ۾ مصالح وجهبو آ، اهو ڪاڏو حلال ٿي نه پوندو. ڀٽي هنڌ لکي ٿو:-

”جي رت لڳي ڪپڙي،
جاما هوءِ پليت،
جو رت پيوي ماڻسا،
تن ڪئه نرمل چيت؟“

هي ڏيکاري ٿو ته گرو نانڪ صاحب محسوس ڪيو هو ته ٻگهڙن جهڙي هلت هلندڙ انسان ٻاهران ريءَ جي پوشاڪ پهرڻ سان ڪو بدلجي نه پوندا. انڪري ئي هو ظلم ڏاڍائيءَ جو ورو ڌي هو ۽ مظلومن جو حامي هو. ان باري ۾ سردار گربخش سنگهه لکي ٿو، ”هن جي زماني ۾ هر ڪنهن ڳالهه کي ماڻهو ايشور جو ڀاڻو ڪري ڀوڳيندا هئا ۽ ان ڳالهه خلاف ڪنهن ڪارروائي کي جائز نه سمجهندا هئا. ليڪن گرو صاحب هن مروّج ٿيل وشواس ۾ شڪ ظاهر ڪندي چيو، جيڪڏهن ڪو به ڪمزور ڪنهن طاقتور کي ماري ٿو ته مونکي ڪو به غم لڳو ٿئي، پر جي ڪو طاقتور ڪنهن ڪمزور کي ماريٿو ته مان ڏٺيءَ ڪان پڇندس. انجي معنيٰ اها نڪري ٿي ته دنيا ۾ ٿيندڙ مارڪٽ ۽ ڌڪي شاهي کي هن ڀڳوان جو ڀاڻو ڪري تسليم نه ڪيو، پر هنن کي طاقتور جو لئي ورتو سمجهيو. ان بي انصافيءَ جي حالت کي ايشور جي اڇا تسليم ڪري برداشت ڪرڻ بدران، انکي دوُر ڪرڻ

ٿي، هن انسان جو ڌرم سمجهيو ٿي.”

گرو نانڪ صاحب محنت کي عظيم درجو عطا ڪيو هن ڪم کي زندگيءَ جو صحيح رستو سمجهيو. هو ٻين ۾ ڪسانن وٽ ويو جڏهن اهو آئت ڏٺائين ته هنجو ڪم ئي هنن جي عبادت آهي. هو هر ذريعي زمين ۾ صرف ليڪون نه ڪڍي رهيا آهن پر زندگيءَ جا ويد ۽ شاستر لکي رهيا آهن. هن ڪرتارپور ۾ خود هاري ٿي ڪم ڪيو ۽ هڪ عام لنگر جاري ڪيو. اُتي ڪتان ڪتان جا ماڻهو اچي هر نه ڪيڙيندا هئا ۽ مفت کاڌو کائيندا هئا.

پاڻي ٻالي واري جنم ساکيءَ ۾ ذڪر اچي ٿو ته هڪ مسلم اڳوان گرو نانڪ صاحب کان بادشاه جا فرض پڇيا. گرو صاحب ٻين مکيه فرضن سان گڏ هيٺيان فرض به ٻڌايا:

پاتشاهه نون فرمايا، سچي آپ خداءِ
ليون خبر غريب دي، بيک فقير بڻاءِ
جو بُوکي مردي طعام بن، محنت ڪردي آءِ
محنت ڪم نه چلنا، تو چوري ڪار ڪماءِ
اَڪ دن چور ڀنون پڪڙيا، گهت بندي ملئي سزاءِ.
حاکم اُه نه پڇنا، ”ڪس ڪارڻ ڪيا گناهه؟“
گناهه ذمي پاتشاه دي، جس ديتا نه لنگر لاءِ...
جي ڪاڙهي تون پاتشاه دي، ار محنت لئي ڪراءِ
جس لائق هووي ڪار دي، تس ڪار لئي لڪاءِ...
جي اُنسي هوءِ جهان وچ، سب لگي حلالي جاءِ...

يعني تہ خدا خود بادشاھہ لاءِ ائين فرمايو آھي تہ ھو فقيري ايڪ ڪري غريبن جي سنڀال لھي. جيڪي ڪاڏي ٻيا ٻکر ٿا مرن ۽ محنت ڪرڻ لاءِ تيار ھجن سان ٻہ ڪم نٿو ھلين، تہ پوءِ چوريءَ جي ڪار وجھي ڪمائين ۽ ھڪ ڏينھن چوريءَ ڪندي اھڙو ڪو پڪڙجي پيو، تہ سزا ڏي مليس ۽ بديخالي ۾ گھٽيو وڃي ٿو. حاڪم ائين تہ پڇي ٿي ڪولہ ٿو تہ "اگلي ڏوھہ ڪھڙي سبب ڪيو؟" ڏوھہ جي ذميواري بادشاھہ تي آھي، ڇو جو ھن لنگر جاري نہ ڪيو پر بادشاھہ جيڪڏھن ڪانئڻ لاءِ ڏئي تہ وري محنت بہ ڪرائي وٺي ۽ جو شخص جنھن ڪم لائق ھجي اھڙي ڪرڻ ۾ ھن کي لڳائي. جي دنيا ۾ ائين ٿئي تہ ھوند سڀ وڃي حلال جي ڪم ۾ لڳن، يعني تہ گناھہ بند ٿي وڃن."

ھن مان صاف ظاھر آھي تہ گرو صاحب ڪھڙي حڪومت چاھي ٿي. ١٦.١٥ صديءَ ۾ جاگيرداري دور ۾ سرڪار کي بيروزگارن کي لائق ڪم نہ ڏيڻ لاءِ گنھگار ٺھرائڻ واقعي انقلابي سکيا ھئي، جنھن ۾ سماجواد جا عناصر موجود آھن. جئن ساڌو واسواڻي بہ چيو ھو، "گرو نانڪ جي نظر روحاني ڪميونزم واري ھئي... ڀائپي ۽ برادري ڀاءَ تي زور ڏيندي، ھن سچي روحاني ڪميونزم جو راز ٻڌايو..." گرو صاحب جي اھڙي سکيا جنھن ۾ سماجوادي جزا سمايل آھن، سا اڄ بہ اھميت واري آھي.

# سنڌو سنسڪرتيءَ جو ورثو

جڏهن ڀارت جو ورهاڱو ٿيو، تڏهن ائين پئي ڀانيو ته ڌرم ۽ مذهب جي بنياد تي ڪنهن به قوم ۽ ڪلچر جو ورهاڱو ٿي سگهي ٿو. پر بنگلا ديش جي انقلاب ۽ آزاديءَ ان ڳالهه کي غلط ثابت ڪيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه پاڪستان وهم ۽ ڀرم پيدا ڪيو هو سو بنگلا ديش ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيو.

جنهن ئي ورهاڱو ٿيو، تنهن ئي پاڪستان ۾ هڪ مسئلو اهو پيدا ٿيو ته انهيءَ سرزمين جي سنسڪرتي (تهذيب ۽ تمدن) ڇا آهي؟ انهيءَ جنتا جو ڪلچرل ورثو ڪهڙو آهي؟ هندستان جي جنتا جي ورثي جو حصو آهي يا ان کان صفا نرالو ۽ نئون آهي؟ ان بابت ٢٧ سالن کان پوءِ به پاڪستان ۾ واد وواد پورو نه ٿيو آهي.

هڪڙا پاڪستاني ان ويچار جا آهن تہ اُنهن جي سنسڪرتيءَ جو وجود ۱۹۴۷ ڪانپوءِ ليڪو کڻي ۽ ٻيا چوندا تہ اهو اسلام جي پيدا ٿيڻ کان وٺي ليڪو کڻي پر ٻيان جيڪي ٻهراڻ وانگر تنگدل ۽ تعصبي ڪونهن سي پنهنجي سنسڪرتي موهن جي دڙي جي وقت کانوٺي ليکڻ ٿا چاهين. اهي سنڌ وماتريءَ جي سڀيتا کي، پنهنجي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو ورثو ڪري ٿا سمجهن.

اڄ سنڌ پرانت ۾ ٽئين ويچار وارن جو ڪافي زور آهي ۽ اهو وڌندڙ آهي. هننکي ان تي فخر آهي تہ سنڌ ڪان ئي ڀارت تي هندستان نالو پيو، سنڌ جي ڀومي پراچين ۽ پوتر ڀومي آهي، جتي دنيا جي آڳاٽي ۾ آڳاٽي تهذيب "موهن جي دڙي جي سڀيتا" جنم ورتو، جتي ئي ويدن جي رچنا ٿي، جنم، سنڌ ۽ سنڌونديءَ جي مهما جا گيت ڳايل آهن، جنهنکي ويرتا ۽ وطن دوستيءَ جو اتهاس آهي، صوفين ۽ سنتن جي سيڪولرواد جي پرمپرا آهي ۽ جنهنکي پنهنجي شاهوڪار ۽ پراچين ٻولي ۽ ساهت آهي.

موهن جي دڙي جا وارث سڏائيندڙ سنڌي مسلمان اڄ سنڌ جي اتهاس ۽ پرمپرا کي سيڪيولر، سماجوادي لوڪشاهي پسند نظر سان ڏسن ٿا. جن ۾ تاريخي شخصيتن ۽ قومي رهنمائن سنڌ جي آزاديءَ، اُنتيءَ ۽ آسودگيءَ لاءِ قربانيون ڪيون آهن، ان ڪي هو پنهنجو قومي هيرو

سوڀ حاصل ڪئي. ڏاهر لڙندي جان ڏني. سنڌ جي ڀلاءِ لاءِ هن پنهنجو سر ڏئي لڙائي ڇڏيو.

عربن سنڌ تي ٽي صديون راڄ ڪيو. جنهن بعد سومرن جو گهراڻو ١٠٥١ کان ١٣٥٠ع شروع ٿيو. انهن جي راڄ ۾ دودي سومري جهڙو سرويچ سپهه سالار پيدا ٿيو، جنهن علاوالدين خلجي سان ٽڪر کاڌو ۽ بهادريءَ سان لڙي جان ڏيڻ پسند ڪئي، پر ڪيس پنهنجي ڀيڻ "باگهيءَ" جي ٻانهن نه ڏنائين. دودو اڄ سنڌ جو هڪ مشهور لوڪ ڪهاڻي جو نائڪ آهي، ۽ وطن دوستيءَ جو هڪ اعليٰ مثال آهي.

سومرن جي راڄ کانپوءِ سمن جو راڄ شروع ٿيو، جنهن ۾ قنڌار جي ارغونن سنڌ تي ڪاهه ڪئي، پر "جام نندي‌ءَ" جي سورهيه سپهه سالار درياهه خان هنن کي اهڙا ته ڏونا چٻايا جو هو پٺ ڏئي ڀڳا. جام نندي‌ءَ جي موت کانپوءِ سندس پٽ جيڪو تخت تي ويٺو تنهن جي درياهه خان سان اڻبڻت ٿي پيئي، جنهنڪري هو استعفا ڏيئي هليو ويو. ارغونن کي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن هو سنڌ تي وري ڪاهي آيا. درياهه خان کي پرچائي واپس گهرايو ويو. هو ڏاڍو بهادريءَ سان لڙيو، پر جنگ ۾ مارجي ويو ۽ ارغونن جي سوڀ ٿي. هن جنگ ۾ سنڌ جي هندو سوڍن کي پڻ ڌارين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ خاص اپيل ڪئي ويئي، جا هنن اونائي.

جيتوڻيڪ ڌارين جي سوڀ ٿي پر اڄ جنتا ارڏوان کي نه پر درياهه خان کي ٿي ياد ڪري رهي آهي ۽ هن جي ويرتا جا گيت ڳائي انهي نقش قدمن تي هلي رهي آهي.

درياهه خان جهڙو ٻيو سنڌي وير سپوت هو هوش محمد جنهن ٽالپرن جي راڄ ۾ ١٨٤٣ع جي جنگ ۾ انگريزن جو اهڙو ته بهادريءَ سان مقابلو ڪيو، جو اڄ به سنڌ ته ڇا انگريز به هنکي ياد ڪندا آهن ۽ داد ڏيندا آهن. هوش محمد ئي اهو نعرو بلند ڪيو "مرسون مرسون، سنڌ نه ڏيسون" جيڪو اڄ جيئي سنڌ هلچل جو به نعرو آهي.

انگريزن سنڌ ته فتح ڪئي، پر هو سنڌين کي فتح ڪري نه سگهيا ۽ هڪ سؤ سالن ۾ ئي هندجي حڪومت جي پڄاڻي اچي وئي، جنهن ۾ ١٩٤٢ جي آزاديءَ جي هلچل هڪ اهم ۽ اتهاسڪ پارٽ ادا ڪيو. ان هلچل ۾ ئي سنڌ ۾ هڪ سورهيه وير سپاهي پيدا ٿيو — هيمون ڪالاڻي، جنهن انگريز سلطنتشاهيءَ سان ٽڪر کاڌو ۽ کلندي کلندي "انقلاب زنده باد" چوندي ڦاسيءَ جي رسي ڳچيءَ ۾ وڌي. هي جوان سڄي هندستان جي شهيدن ۾ ننڍي عمر جو هو. اڃا ٢٠ سال به پورا نه ڪيا هئائين. انگريزن کيس ڪيترين ئي لالچون ڏنيون ۽ معافي وٺڻ لاءِ زور ڪيو، پر هن سندن هڪ به نه ٻڌي ۽ خوشيءَ سان شهادت جو جام پيتو. اڄ هيمون ڪالاڻي

ڪوي، ۽ ڪلاڪار ان مان اتساهه وٺي رهيا آهن، جن ۾
چاهي اهي هندو آهن يا مسلمان. هن صوفي ۽ سنت
ڪوين شاهه لطيف (١٦٨٩ع)، سچل (١٧٣٩ع) ۽ سامي
(١٧٤٣ع) جي شاعريءَ جي ڪري، سيڪيولروادي سنڌي
سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو نيرو وڌ آهي. شاهه ۽ سچل
مسلمان هئا ۽ سامي هندو هو. هن ٽنهي ڪوين هندستان
جي صوفي ۽ سنت ڪوين وانگر هندو مسلم ايڪتا لاءِ
زور ڏنو، مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف ۽ انساني پيار جو
جي هرڪنهن قسم جي مخالفت ڪئي ۽ خالق کي خلق
۾ ڏسڻ جو اپديش ڏنو. هن ٽنهي شاعرن جي وائي جو ئي
هڪ اهو ئي ڪارڻ هو جو ڀڳت ڪنوررام جهڙي شخص جو
١٩٣٩ ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ وقت خون ٿيو هو،
جنهن کي اڄ سنڌي مسلمان ياد ڪري هنجون هاري رهيا
آهن. ڀڳت ڪنوررام جا گيت ٻڌڻ لاءِ سنڌ جي ڪنڊ
ڪڙڇ مان هندو مسلمان اچي ٻڌندا هئا.

هي ٿوري اڳران ۽ سيڪيولروادي ڪوي ۽ ڪلاڪار
پرڻ جي سنڌين لاءِ پڻ اهڙا ئي لڙڪ هاريا آهن جهڙا
سنڌي مسلمانن لاءِ. ٻنهي طرفن جا سنڌي اڄ هڪٻئي جي
ساهتيه ۽ سنگيتن مان اتساهه ۽ امنگ حاصل ڪري رهيا
آهن ۽ ٻنهي جي ٻولي وري ڪي ساهه سان سانڍي رکيو
ويٺا آهن. اهو ڏيکاري ٿو ته سنڌو سنسڪرتي جو ورثو
ته ڏاڍو آهي ۽ ڏاڍو جو آهي.

جي قتيل دلين لئي مرهم جو ڪم ڏنو ۽ ڪٽرپڻي ۽ ڀيدڀاو کي ٻرڙي ۽ وشالتا جي ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

اسانجو ڪوي سامي پڻ انهن سنت ڪوين مان هڪ هو. هنجي ڪوتا ۾ هن هلچل جي تصوير ملي ٿي، جا ڏيکاري ٿي ته هن ٻين ڪوين وانگر پنهنجي يگ جو سڌ ڪنهن حد تائين ضرور اونايو هو ۽ ڌرمي رنگ ۾ اهڙو ٻيو ڪجهه به ڏنو آهي، جيڪو اسانجو سمو ورثو آهي.

هندستان ۾ سنت ڪوين جي هلچل ١٥ صديءَ جي شروعات ۾ شروع ٿي ۽ ١٨ صديءَ تائين هلي. انجو اڳوان رامانند (١٤٠٠-١٤٧٠ع) هو. هو جيتوڻيڪ پاڻ برهمڻ ۽ سنسڪرت جو ودوان هو ته به پنهنجي سکيا ۽ ڪوتا جنتا جي ٻوليءَ "هنديءَ" ۾ ڇپائين. نه رڳو ايترو پر رامانند اوچ نيچ، ذات پات ۽ ڌرمي ڀيد ڀاءَ جي زبردست مخالفت ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو هنجا جيڪي ١٢ شش ٿيا سي جدا جدا جاتين مان هئا. ڪو ڪوري (ڪبير) هو، ڪو ڪسان (دنو) هو، ڪو چمار (روداس) هو ته ڪو نائي (سينا) ته ڪو راجا (پيپا) هو وغيره.

رامانند پاڻ نرگڻواد (نراڪار ايشور کي مڃيندڙ) ۽ شنڪر آچاريه جي ادئيتواد جو (جيڪو ايشور ۽ انسان ۾ دئيت يا ڀيد نه ڏسي) حامي هو. ته به هن اهي واد پنهنجي ششن تي نه مڙهيا، ڇو جو هن لاءِ بقول ساميءَ "سينئي مارگ

مت ڳالهه ڪرڻ تا هڪڙي" ۽ "ڀاوين الالهق ڀاوين بولي رام رام." راماننڊ جو وشواس هو ته جيڪو به رام ڪي سچي سڪ ۽ ڀڳتيءَ سان ڌيائيندو سو هنڪي پائيندو.

وڏي وڏائي، سامي جاڻ ڀڳت جي
نيچ اوچ تيا ڪيترا، ڪري ڪمائي،
ڊيڊ، چمار، جولاها، ڀيچارا نائي
جنهن لنولائي، سي سيئي سڌريا

سامي‌ءَ جي مٿين سٽن کي جڏهن ان زماني جي پس منظر ۾ مادي نقطهِ نگاهه کان ڏسجي ٿو ته اهي زماني جي وڏي حقيقت ٿيون بڌائين ته جنکي هيلتائين نيچ سمجهي ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ کان وانجهيو ويو هو، تن جاڳي پنهنجو حق حاصل ڪيو هو ۽ اهو سڌ ڪيو هو ته ايشور اڳيان اوچ نيچ جو ڀيد ڀاو نٿو هلي.

ان زماني ۾ جڏهن پنڊتن ۽ ٻانيڻن، ملن ۽ مولوين ايشور ۽ خدا کي ڀين ڀين روپن ۾ ۽ راهي مندرن ۽ مسجدن، شاسترن ۽ ڪتابن، ورتن اشنانن ۽ روزن نمازن، نرڳ سرڳ ۽ بهشت دوزخ جي خيالي قلعن ۾ قيد رکيو هو. تڏهن سامي ان قيد کي اجهو هيئن پرزا پرزا ڪري ڇڏيو:

١- خلق وسي خالق ۾، خالق منجهه خلق
٢- پٿر پوڄا ڪن، ديو نه ڏسن ديهه ۾
٣- ويد پران، قران ڪو، سهني ۾ هڪ سوٽ
٤- مورکه ڪين ڏسن، سامي سهرن کي

لب ليرت، ورت، نيم، جڳ، جهد ڪيو جاڳن،
عفا، بن، پهاڙ ۾، بک اڃ دک سهن.
٥- سرڳ ۽ نرڳ، عاشق جاڻن ڪين ڪي،
٦- سرڳ کان نزديڪ آتي سڄڻ اوڏڙو

۽ ائين سامي سڄڻ کان آڪاس تان لاهي ڌرتيءَ تي آڻي، پٿرن ۽ پهاڙن، شاسترن ۽ ڪتابن جي قيد مان ڪڍي عام ماڻهن جي وچ ۾ وهاري ٿو، جنهن صدين کان سڪايل "نيچ" سڏيل انسان به اُنجو مشاهدو ماڻي سگهن ۽ ڪيس پنهنجا دک سور سڻائي سگهن ته ڪيئن سندس "مک مان نڪتل" عيوضين خالق ۽ خلق جي وچ ۾ ڪاهي ڪوڙي ڇڏي هئي، سائنس ملڻ جون راهون روڪي رکيون هيون. ڌرمي پوڄا کي پاکنڊ ۽ اڊنبر کان آجو ڪري سليس بڻائڻ ۽ هڪ ايشور جو وڃار ۽ هنکي پرلم ۽ ڀڳتيءَ سان پائڻ جو حق عام کي وٺي ڏيڻ، ان يگ جي تقاضا هئي، جيڪا ساميءَ ڪافي حد تائين پوري ڪئي. ان جي اهميت اڄ به قائم آهي ۽ اها ايڏي ته وڏي آهي جو هاڻوڪي زماني ۾ گرديو ٽئگور کي به ان ڏانهن ڌيان ڇڪائڻو پيو. جنهن چيو ٿو:

پوڄا پاٺ پڄن آرادن، سفرن کي ڪر ترڪ صفا،
ڪول اکيون ۽ جاچ ته ڪر ڪا، ڪٿي آهي تنهنجو ڀڳوان؟
هو ته وڃي ان جاءِ رسيو، جت هاري ڌرتي کيڙي ٿو،
پٿر مزور جتي پيو ڀوڙي، ڀوڙي ۽ گذ ميڙي ٿو.

گرڊيو جو زمانو ۽ ساميءَ جي زماني کان اڳتي وڌيل
آهي. اُنهيءَ ڌرم ۽ مذهب جو زور ڪافي گھٽيل آهي پر
ساميءَ جي زماني ۾ ساميءَ وارا بيت چوڻ ۽ جرئت ڀريو
قدم آهي، جو پاڪي پرماتما جا ڀريدار سمجهندڙ، پنڊتن ۽
مولوين کي ڇهرائڻ لاءِ ڪافي هو.

اهڙن سوڙهي گهٽيءَ وارن ڀريدارن-ملن ۽ پنڊتن تي
اُني سامي خوب چوهه چنڊي ٿو. هنن جي ڪوڙي ڏيکاءَ
۽ پاکنڊ ۽ بهروپ کي بي نقاب ڪري ٿو. چوي ٿو:

١- لکين لباڙي، ڳالهيون ڪن اڳم جون
سامي ڪوڙائي ساڌ ٿيا متو ۽ ڏاڙهي
ڪلڪائين ڪپت جي ڪالي ڪهاڙي
پاڙ ڪائي پاڙي وهيا وڃن وهه ۾!
٢- لڳي جو ڀيک ڌري سامي ٿيا ساڌو
٣- پنن منجهه پيهي لو حرف نه لڌو هڪڙو
لوڪي ڪل ڪٿهي، قاضي ڪتابن جي؟
٤- مان! مٿي ماءِ پڙهي پرجهه ڪينڪي

ڀرئين بيت ۾ اُني سامي ڪيٽن نه ڪوڙن مذهبين جا
آنڊا گجيون ڪڍي ٻاهر ڪيا اٿس. ڪهڙي نه طنزي
نوع ۾ ٿو چوي ته پنڊت ۽ ملا ڪيئن نه خالق جي نالي
۾ ڀيک پائي، مڪر ڪري ڪوڙ جو ڪسب اختيار ڪري
ويٺا آهن ۽ سهو وقت لڳيءَ دولاب جون ڪالبون ۽
ڪهاڙيون پيا لکيون. ڪن ۽ حرام جي هڏيءَ تي هري

ويا آهن. اهڙن انسانن جي اڄ به ترڪوٽي ڪانهي.

ساميءَ پاکنڊي پنڊتن ۽ مولوين سان گڏ حاڪمن ميرن حاجين ۽ مکين چوڌرين جي به چڱي چنڊري لاٿي آهي. جيئن چوي ٿو:

ڪلجگ جا ڪوڙا ميــر منعدي چوڌري،
راڄيون ڏينهان لوپ جــا گهر ٻنڌن بـوُڙا
ويساهـــي ويساهه سان ڌوهـــن وســـوڙا
سامي مت موڙها مــرڻ نـــه جاڻن من ۾.

ساميءَ جو هي بيت به ان لڳ جي سچائي ٿو ٻڌائي، جيڪا اڄ جي به سچائي آهي. سامي اچا به اڳتي وڌي پنهنجي لڳ جي تصوير هيئن ٿو چٽي:-

چوري نه جاڻان، مال پرائو نـــه چڏيان،
ديان بار انن جـــا، ڦريان نـــماڻـــا،
تنهنکون پچاڻا، ڪريان حق حلال جون ڳالهڙيون.

ساميءَ جا هيڙا چيبيل شعر تمام ٿورا آهن. ٿي سگهي ٿو ته پيا به اهڙا گهڻا شعر چيا هجنس، جي گم ٿـــي ويا هجنس. جئن چوندا ته هڪ ساڌوءَ هنجا ڪيترا شعر گم ڪري ڇڏيا.

هن بيت پڙهڻ سان اکين آڏو اهي تصويرون ڦرڻ لڳن ٿيون، جن ۾ ڪو نادرشاهه آهي، ڪـــو احمدشاهه ابدالي آهي ۽ ڪو قاسم خان آهي، ڪو انگريز آهي، ڪو ڏيهي حاڪم ڪلهوڙو يا ميرآهي. اهي سڀ اهڪا ڙي

مايا تنهن مورک جي آهي اجائي
سو وڏو پاپي پڌرو، جنهنکي اهڙي عادت آئي
تنهن اندي آگ لائي، پنهنجين هٿين پاڻکي.

ائين آهي ته ساميءَ مايا کي ٽن معنائن ۾ کم آندو آهي. هڪڙي مايا معنيٰ ڌن دولت، ٻي معنيٰ موجب مايا آهي سنسو، ڀرم، دوکو، جئن چوي ٿو:-

مايا ڀلايو، ساميءَ جوڙي جيءَ کي
نانگ ڏسي نوڙيءَ ۾ ڏوڙون ڏهڪايو
ڳلتيءَ ليکي ڏک جي سنسي منجهه آيو
ستگر سمجهايو، تڏي سمجهي سرجهيو پاڻ ۾.

يعني ته هي سنسار ست ناهي، ڀرم آهي. جنهن انسان کي اهڙو ڀلايو آهي جو هو اُنکي ائين ست سمجهي ويٺو آهي جئن نوڙيءَ کي ڏسي نانگ سمجهجي. اهو ڀرم اوديا جي کري آهي، جيڪو گروءَ جي گيان حاصل کرڻ سان دور ٿي ويندو. هيءَ شنڪر آچاريه جو ويدانتي ويچار آهي. جنهن ۾ اها نانگ - نوڙيءَ جي تشبيهه ڏني آهي. هنجي ويدانت مت موجب رڳو برهم ست آهي ۽ برهم ۽ جيو ۾ کو به دئيت (ڀيد) کونهي. جيو، رڳو مايا (ڀرم) کري برهم کي پاڻکان الڳ سمجهي سنسار کي ست سمجهي ويٺو آهي برهم سنسار رچيونئي کونهي. هنکي ادئيت واد چئبو آهي.

ساميءَ چوي ٿو:-

دئيت مڃيندڙ ادئيت سنت اڪاڻن سڀ ڪي.
سامي ۽ مايا جي ٽين معنيٰ ڏني آهي، اها برهم جي شڪتي، جنهن هي سنسار رچيو آهي. سامي چوي ٿو:-

**آهي ڇل پر ٻل مايا محبوبن جي**
جنهن اڻ هوندو جوڙو وڌو نانا ڀاءِ خيال
سامي چڙهيو سڀ ڪي اوديا جو عمل،
ڪو ورلو ڄڻ اڇل جو رهي گرگيان سان.

سامي ۽ منشين بيت ۾ وري رامانج جا ويدانتي وچار ڏنا آهن. هنجي وچار موجب برهم به ست آهي ته جڳت به ست آهي. برهم ئي هن سرشٽي ۽ جو خالق آهي. هن ڪورنٽي جي چار وانگر پاڻ مان ئي هي جهان خلقيو آهي. يعني انهو ڪارڻ ۽ ڪاريه پاڻ آهي. جئن سامي چوي ٿو، "ڪاريه ڪارڻ پاڻ، پرتڪ پورڻ آتما، اپجي نپجي لين ٿئي، جنهن ۾ سڀ جهان." هرڪو جيو، جڙ ۽ چيتن (آتما) جو ميلاپ آهي. اهي ٻئي جيزون برهم ۾ ئي سمايل آهن. آتما امر آهي. اها رڳو اڳين ڪرمن ڪري، جيو جي جڙ سان، بندن ۾ جڪڙجي ٿي. بندن جو ڪارڻ اوديا مان پيدا ٿئي ٿو. آتما ٻيستائين جنم و ننڍي رهندي، جيستائين آن مڪتي حاصل نه ڪئي آهي، جيڪا رڳو گيان وسيلي سان نه، جئن شنڪر آچاريه چيو، پر ڀڳتي ۽ سان پڻ ملندي. رامانج جي ويدانت مت کي وششٽادويت واد چوندا. هي ۽ مت گهڻن ان ڳالهه ۾ بهتر آهي، جو

مادي يعني وگيانڪ نقط نظر سان ڏسندا سين، جنهن موجب هي جڳت ست آهي ۽ جڙ پدارٿ (مادي) جي پيداش آهي ۽ نه برهم جي يا چيتن جي پيداش آهي، جنهن آدرشوادي نقط نگاهه چوي ٿي.

ويدانت مت، جيڪا ساميءَ جي جيون مت آهي، سا آدرشوادي هوندي به هڪ لحاظ کان سماج لاءِ لاڀدائڪ ثابت ٿي آهي. ان مت جي وحدانيت جي تصور (هڪ برهم يا ايشور جو وچار) ته رڳو وچولي زماني ۾، جڏهن جدا جدا ديوتائن لاءِ هون ڪيا ويندا هئا ۽ ٻليون چاڙهيون وينديون هيون ۽ پوڄا پئٺا ڪئي ويندي هئي، پر هاڻوڪي زماني ۾ به جدا جدا ڌرمن، ذاتين، رنگ روپ ۽ اوچ نيچ جي ڀيد کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي- ان مت ۾ سمتا (هڪجهڙائي، پروگيانڪ هڪجهڙائي نه) تي زور ڏنو ويو آهي جنهنڪي اڄ به سماج جي بهتريءَ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. ساميءَ به اسانکي سمتا جو هٿيار ڏنو آهي. ان بابت ڪيترائي بيت ڏنا اٿس. پر هتي جنس طور مٿ ڪاڍي ٿيندي. چوي ٿو:

١- اوديا انڌاري، مٽي نه سورج سم ري
٢- رولو وڌورن، جدائيءَ جو جڳ ۾،
سولو هميس سم جو ڪڍهن جاڳي ساڻوجن
٣- دليس سپ دڪي ڪيا، جيءَ جهان جا

سدا رهن سامي چئي، **سمتاوان** سڪي.
٤- جڳت ڏٺو جاڻيءَ ۾، جاڻيءَ منجهه جڳت
**سمتا** سلوڪت، مک رکي موجان ڪري.
٥- هر جن ڪيئي هت، ونا سودي سار جو
**سم** رکيائون ساهمي، **سم** رکيائون وت

مٿين بيتن ۾ ساميءَ جو مطلب آهي ته اگيان، برهم ۽ منک جي وچ جيڪو ڀيد پيدا ڪيو آهي، سو سمتا سان دور ٿئي ٿو. ليڪن اڄ جي وگيانڪ دنيا ۾ برهم ۽ منک جي ڀيد جو مسئلو ڄڻ آهي ئي ڪو نه. اڄ آهي منک منک جي وچ ڀيد، جنهن جو بنياد آهي ناڻي جي اڻپوري وراهپ. ان ڀيد کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻه چوگرد سمتا (سوشلزم) جو سنگيت ڦهلجي رهيو آهي. ڪيئن چئجي ته اڄ جيڪر سامي پيدا ٿئي ها ته هو ٻه پنهنجو سر ان سنگيت ۾ نه گڏي ها.

هر ڪنهن يگ جي پنهنجي سچائي آهي. اڄ جيڪڏهن ڪو ڪوي سامي ٻڌڻ چاهيندو ته پڪ ڪامياب نه ويندو، ڇو ته اڄ جي سچائي ڦريل آهي. اڄ ساميءَ جا آلمڪ وچار آڱرين تي ڳڻڻ جيترن هندستاني شاعرن ۾ به مشڪل ملندا، پر اهي ساڳيا وچار سنڌس دور جي سڀني سنت ڪوين ۽ صوفي شاعرن ۾ ملنتا، پوءِ اهو ڪبير، تلسي، سورداس، شاهه، سچل، جائسي هجي يا ٻيو ڪو هجي. فرق اهو آهي ته

ساميءَ جا انهن وچارن لئي شعر ڄاڻ ٽاڻ سرس آهن
انڪري سندس ڪوتا هڪ رنگي ٿي لڳي. ڄڻ رڳو
روحاني رازن ٻڌائڻ لاءِ ئي ڪوتا رچي اٿس. ان اثر لاءِ
ڪنهن حد تائين اسان جا ڪي ٽيڪاڪار پڻ جوابدار
آهن، جن وري اها ڳالهه سڌ ڪرڻ جي ڪوشش به
ڪئي آهي. ڪن ٻين نقادن وري سندس ليکن ۾
سماجڪ ۽ اتهاسڪ اهميت کي نظر انداز ڪري
ڇڏيو آهي. جيڪڏهن سندس ۴۳۰۰ سلوڪ پڙهي
ميزان سان جائزو وٺبو ته آتمڪ ساميءَ سان گڏ دنيوي
سامي به نظر ايندو، سنت ساميءَ سان گڏ ڪوي سامي
به نظر ايندو، ويدانتي اصول واري ساميءَ سان گڏ
واپاري عمل وارو سامي به نظر ايندو.

سامي جيڪڏهن رڳو سنت ٿي رهڻ چاهي ها ته
پنهنجو پنٿ ڪولي ها ۽ ڪوتا رچڻ بدران گرهست
تياڳي بيراڳي بڻجي ها. پر هن نه فقط پاڻ گرهست نه
تياڳي پر ٻين کي به اهڙو وعظ نه ڪيائين. هو هن
پنجن وڪارن-ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار
کي دٻائڻ جي سکيا ضرور ڏني. پر اهو ائين ڪونه ٿو
چوي ته اهي وڪار ماري ڪجهه ڪرم ئي نه ڪريو ۽
ٽلندڙ ئي ٻاري وهو. هو آدم ۽ پرشارٿ کي سڀ کان
مٿي ٿو سمجهي. چوي ٿو:

"سامي سڀ جو ديو آهي پرشارٿ پنهنجو"

ڪنهن ٻه مقصد لاءِ رڳو ادم ڪاٽي ڪولهي. انسان
گڏ اوڇائي ۽ بيدرائي ٻه ڪري. سامي چوٿو :
"و ڇي مند مروله، ڪاهه نه ڪيجن ڪي مامن"
"سؤ را سي چتڻ جي جهولجهن منجهه ميدان ۾
جيٽ ۽ مرڻ جو سامي سوچ نه ڪن."
اوڇائي ۽ بي دپائي للاهن اپندي، جڏهن سچي سڪ
هوندي:
"پنا سڪ سجڻ ڪنهن پالو ڪين ڪي"
ليڪن سڪ، بي سمجهه نه هجي، عشق اندو نه هجي.
جتي سامي چوٿو :
"عشق ۽ عشق ٻٽي پر پکيءَ جا."
سامي عشق لاءِ عقل کي ضروري سمجهي، اُن
زماني جي روايت پرستيءَ کي ٺڪ هنيو آهي ۽ نئين
زماني جو نياپو ڏنو آهي. سچ ته هنئي ڪولسا ۾
اهڙيون روايت پرستيءَ کي ٺوڪر هڻندڙ بيون ٻه چيزون
آهن جيڪي مذهبي لحاظ کان جڻ ڪفر ٿيون لڳن. جتي
هيٺيان بيت ڏسو :-
١- ميخاني مسجد ۾ جاٽي ڪوله فرق
٢- جات ورن ڪل ڪرم ڏي سامي ڪين ڏسن
٣- ويدن بگاڙي، ڪوڙين ڇڏيا ڪيترا
٤- رهي نيارو سڀ جان، ڪر ساڌو جن سيلي،
جتي مجنو ليلي، اٿو سان لال گلال ٿيو.

اهڙيءَ طرح ساميءَ جي ڪوتا ۾ نه رڳو مال (وشيه) جي لحاظ کان آتمڪ گيان سان ڀريل، پنهنجي لڳ جي سچائيءَ، جهونن ۽ نون قدرن، سچ ۽ ڪوڙ ڀلائي ۽ برائيءَ جي ڪشمڪش جي تصوير ملي ٿي پر روپ (روپ) جي لحاظ کان به سڪيادائڪ چيزون ملن ٿيون. ساميءَ ڳوڙهن ۽ خشڪ وچارن کي سليس ۽ سپڪ بوليءَ ۾ تشبيهن، استعارن ۽ اصطلاحن سان سينگاري، موتين وانگر پوتو آهي. ساميءَ جي ٻولي نه رڳو سليس ۽ سپڪ آهي پر مڌرتا سان ٽمٽار پڻ آهي. انهيءَ سبب اهو ٿو لڳي جو هو شاهه گيت ۽ سنگيتڪار پڻ ٿي لڳو. سندس بيتن ۾ سنڌ ۽ هند جي سيني راڳڻين جا نالا ڪم آندل آهن. ساميءَ جي ڪوتا ۾ جذبو نه ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي.

ٿوري ۾ اسانکي ساميءَ جي ڪوتا مان انهن چيزن کي ڪٿي اڳتي وڌڻو آهي، جن انساني زندگيءَ کي بهتر بنائڻ ۾ هٿي ڏني آهي ۽ جي اسانجو قيمتي ورثو آهن.